# زيد پيرزادي جي هڪ نظم ”انتظار“ جو تنقيدي اڀياس

## The Critical analysis of the Zaid Pirzado’s Poem “Intzar”

شير مهراڻي

***Abstract***

*The Poetry is an ideal world of a poet, which he creates using his wisdom and art. The best poetry is that which puts an impact on the reader or listener as well as on the whole society, and it creates a positive culture. The Poetry is actually the exploration of the ideas of a poet. The prominent philosopher Hegel regards the poetry as the “most perfect art”, because according to him the Poetry provides the prosperous and real expression of a spiritual choice. Poetry is not just the prearranged presentation of an inner thoughts and ideas of the Poet, but it is actually the articulation of the thoughts and the ideas in the particular language. Zaid Pirzado is Professor in Karachi University. He is doctorate in Science. He is also an excellent poet of Sindhi Language as well. In his poetry he disseminates the new ideas, which are very fruitful for the society.*

*Zaid is belonging to the family of Poets and writers. In this research article I have presented a critical analysis of Zaid’s Poem “Intzaar” (The Wait). This poem is taken from his poetry Book “Khyal” (The Idea), which is recently published by the Peacock publishers Karachi. In this Poem the poet has used the “defense mechanism” to avoid the psychological disorder. Zaid is a positive thinker and poet; in his poetry he has delivered positive message for the society. After taking the critical analysis of the Poem “The Wait” I have come to know that His poetry is a cluster of positive Ideas; which are very beneficial for the society.*

شاعري تخيل جي اهڙي ڪائنات آهي، جنهن ۾ شاعر ڪيترن ئي اهڙن استعارن کي تخليق ڪندو آهي؛ جيڪي بظاهر تہ بي معنيٰ هوندا آهن، پر شاعريءَ جي ڪائنات ۾ داخل ٿي اهي بي معنيٰ استعارا معنيٰ خيز بڻجي هڪ ئي وقت ڪيترين ئي معنائون جوڙي وٺندا آهن ۽ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي هڪ اهڙي ڪائنات ۾ وٺي ويندا آهن؛ جتي خيال جي سرحدن جي ڪا حد ناهي هوندي. اها ڪائنات شاعريءَ جي ڪائنات هوندي آهي، جيڪا صرف اهڙو شاعر تخليق ڪري سگهندو آهي، جنهن جو وجدان اوچو فڪر همہ

گير ۽ فن اعليٰ ۽ اتم هوندو آهي. يعني خوبصورت شاعري هڪ ئي وقت وجدان، فڪر ۽ فن جي اهڙي آميزش جو نالو آهي، جنهن ۾ خيال ذهن جي تهه خانن جي اونهاين مان نڪري لفظن ۾ اوتجي وڃن ٿا ۽ لفظ ساهه کڻندي محسوس ٿين ٿا. نتيجي طور اهڙي شاعري حُسن به رکي ٿي ته ان ۾ اثر پڻ هوندو آهي. اهڙو اثر جيڪو پڙهندڙ جي دل تي ڪنهن ڏڪ وانگر لڳندو آهي ۽ هو ”آهه“ يا ”واهه“ ڪانسواءِ رهي ناهي سگهندو.

شاعري بنيادي طور تي فرد/شاعر جي جمالياتي سرگرمي آهي. جنهن ۾ راحت به آهي ته درد به هوندو آهي. وڇوڙو به آهي ته وصل به آهي. اڪيلائي به آهي ته ميل ملاقاتون به آهن. ڳالهيون به آهن ته خاموشي به آهي. سڪ ۽ ڇڪ به آهي ته رنج، رسامو ۽ ڪاوڙ به آهي. پنهنجائپ جو احساس به آهي ته لاتعلق ٿيڻ جو ڏوراپو به آهي. بيچيني ۽ سوز به آهي ته سڪون ۽ سرور به آهي. انتظار ۽ اوسيئڙو به آهي ته آرزو ۽ اميد به آهي. مطلب ته جتي شاعري ڪلائي ۽ خوش ڪري سگهي ٿي، اتي اُهائي شاعري روئاري به سگهي ٿي؛ پريشان به ڪري سگهي ٿي. اهو روئارڻ ۽ پريشان ڪرڻ به شاعريءَ جي اثر سبب هوندو آهي، ۽ اهو پڻ شاعريءَ جو جمالياتي درجو آهي.

“Anxiety proposed here as an aesthetic notion immediately touches on the place of negative pleasure that is of displeasure in aesthetic considerations. The idea of displeasure in the context of aesthetics appears to stem from the concept of aesthetic pleasure as its natural opposite also divulges its problematic experience.”(1)

فيلسوفن جو اهو پڻ چوڻ آهي ته جيڪا شيءِ درد يا خوشي ڏئي، اها خوبصورت آهي.

جو پئير جمالیاتی سوز و سرور دے وہ حسیں ہے.“ (2)

اهو اثر آرٽ ۾ ئي آهي ته هو ڪڏهن اداس ڪري ڇڏيندو آهي ته ڪڏهن خوشي عطا ڪندو آهي. فنون لطيفه ۾ شاعري جي تمام وڏي اهميت آهي. بلڪ هيگل سميت ڪجهه ڏاهن شاعريءَ کي فنون لطيفه جي ٻين نمونن جهڙوڪ: مصوري، رقص، موسيقي، بت تراشي ۽ ڪيليگرافي وغيره کان وڌيڪ اثرانگيز ۽ طاقتور سڏيو آهي. چاڪاڻ ته سندن خيال آهي ته:

”شاعري ان ڪري وجود ۾ آئي ته جيئن انسان نقل يا تخليقي ۽ تخيلاتي عڪاسي ۽ سگهه وسيلي ٻاهرين دنيا ۾ پنهنجي ضرورتن ۽ خواهشن آهر ان ۾ تبديليون آڻي سگهي.“ (3)

يعني هو پنهنجي مرضي ۽ منشا آهر نئين ڪائنات جوڙي سگهي. جڏهن تہ سٺي شاعري جنهن ۾ سچ بہ هوندو آهي، تخيل بہ هوندو آهي ۽ وجدان بہ هوندو آهي، اها هڪ اهڙي ڪائنات جوڙي سگهندي آهي، جنهن کي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان فرد پنهنجي موجود ڪيفيت ۾ تبديليون محسوس ڪندو آهي. چاڪاڻ تہ شاعر عڪس جوڙي ٿو ۽ هو اهڙي عڪاسي کي حقيقت بابت پنهنجي وساريل سچ جي ويجهو آڻي بيهاري ٿو.

"Fine poetry consists of image-making, and as such is compatible with the poet's ignorance of truths about what is real."(4)

آءِ اي رچرڊس جي حوالي سان ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب "تنقيدون" ۾ لکيو آهي تہ:

"شعر مان گهڻو ڪري عام سچ ملي ٿو... دل جي سچي روشني رڳو سهڻن لفظن ۾ آهي... جيڪي ادب وڏيَوسو پيدا ڪريو پر ان ۾ سادگي ۽ ايڪائي ضرور پريو...شعر جا وڏا مقصد بہ آهن هڪ تفريح ٻيو تعليم. شعر، طاقتور جذبن جي زور سان اڏما ڏئي نڪرڻ کي ٿو چئجي...شعر اهو آهي جنهن ۾ سٺي ۾ سٺا لفظ سٺي ۾ سٺي ترتيب سان آيل هجن." (5)

شاعريءَ جي سٺن ۽ سهڻن لفظن جي ترتيب ۾ ڪيئي صنعتون ڪتب ايندڙيون آهن. جن ۾استعاري کي وڏي اهميت حاصل آهي. پنهنجن مخصوص استعارن جي بنياد تي ئي هڪ شاعر ٻي شاعر کان ڌار ٿي بيهندو آهي ۽ استعارا ئي سندس اسلوب کي سگهارو بڻائيندا آهن. لفظ استعاري جي معنيٰ آهي اڌارو وٺڻ. 'استعاري ۾ ڪنهن شيءِ کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻي شيءِ جو سهارو ورتو ويندو آهي، پر هن ۾ تشبيهہ وانگر "جيئن"، "جهڙو"، "وانگر" وغيره جهڙا لفظ استعمال ناهن ڪيا، بلڪ ڪنهن بہ شئي کي هوبهو ساڳي شئي سڏيو ويندو آهي، جنهن جي استعاري طور ٻي شئي کي بيان ڪجي ٿو.

مثال طور:" منهنجو محبوب چنڊ جهڙو سهڻو آهي." (تشبيهہ)

"منهنجو محبوب چنڊ آهي." (استعارو)

انسائڪلوپيڊيا امريڪانا موجب:

"**Metaphor**: A figure of speech that , presupposing a similarities of two or more things denote one of them by term properly or literally signifying the other, as if the where identical".(6)

يعني "اها علامت، جيڪا هڪ شيءِ کي ٻي شيءَ جي مدد سان سڃاڻڻ جي ڪم اچي، ۽ ان ۾ مخصوص خاصيتن آڌارمشابهت يا هڪجهڙائي پيدا ڪري."

زيد پيرزادو ڪراچي يونيورسٽي ۾ سائنس جو پروفيسر آهي. هو ڏيساور مان پي ايچ. ڊي ڪري آيو آهي. سندس تعلق سنڌ جي ”لٽل ماسڪو“ يعني ٻلهڙيجي سان آهي. شاعراڻي خاندان سان تعلق رکندڙ زيد پيرزادو پاڻ بہ خوبصورت شاعر آهي. سندس والد انور پيرزادو جديد ۽ ترقي پسند شاعر هو. سندس وڏو ڀاءُ زرار پيرزادو مشهور صحافي ۽ بهترين ليکڪ آهي. سندس ننڍو ڀاءُ امر پيرزادو جديد رومانوي ۽ فيمينسٽ شاعر آهي. جڏهن تہ زيد پيرزادو پاڻ نثري نظم جو تمام سٺو شاعر آهي. هو پنهنجن نثري نظمن لاءِ نوان استعارا تخليق ڪري ٿو. جيڪي سندس سڃاڻ بڻجن ٿا. سندس شاعريءَ جو مجموعو ”خيال“ تازو ئي ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن ۾ سندس نثري نظم شامل آهن. ”خيال“ ۾ موجود هر نثري نظم اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي هر نظم ۾ ڪو نہ ڪو معنوي يا فڪري نُڪتو شامل آهي. زيد پيرزادو سڪڙا لفظ تخليق نٿو ڪري بلڪ هو لفظن ۾ زندگي اوتي ٿو. ڪٿي ڪٿي تہ هو لفظن کان رنگن، عڪسن بلڪ ڪئميرا جو ڪم وٺي ٿو ۽ سندس نظم پڙهڻ سان انهن ۾ تصويرن بلڪ وڊيو جيتري چٽائي نظر اچي ٿي. هن ڪتاب جو هر نظم اهم آهي پر هتي اسان سندس صرف هڪ نثري نظم، ”انتظار“ جو تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو.

فرد پنهنجي اندر ۾ هڪ ڪائنات بلڪ ڪيئي ڪائناتون رکي ٿو. هو مختلف ڪيفيتن ۾ مختلف انداز سان زندگيءَ جي حسناڪين ۽ رعناين مان محظوظ بہ ٿئي ٿو تہ مانوس بہ ٿئي ٿو. هو ڪڏهن ڪڏهن اڪيلاين ۾ محفلون مچائي ويهندو آهي تہ ڪڏهن وري محفلن ۾ اڪيلو هوندو آهي. ڪڏهن خاموشيءَ ۾ تمام گهڻو ڳالهائيندو آهي تہ ڪڏهن وري گهڻي ڳالهائڻ ۾ خاموش رهندو آهي. ڪڏهن انتظار ۾ ئي وصل جا لمحا جوڙي وٺندو آهي تہ ڪڏهن وري وصل ۾ بہ انتظار واري ڪيفيت ڏانهن موٽي ويندو آهي. اهي سڀئي فرد خاص طور شاعر جي تخيل جا مختلف نمونا آهن. ۽ هڪ شاعر پنهنجي سوچ، ادراڪ ۽ فهم جي آڌار نئين کي پراڻو ۽ پراڻي کي نئون ڪري وٺندو آهي.

فرد جي مختلف ڪيفيتن مان ”انتظار“ بہ هڪ ڪيفيت آهي. سوال اهو پيدا ٿو ٿئي تہ آخر انتظار آهي ڇا؟

ڪنهن جي اچڻ جي اميد، ڪنهن جي ملڻ جي آسري يا ڪنهن جي آمد يا گڏجڻ جي آرزو کي ’انتظار‘ چئبو آهي. انتظار هڪ ڪيفيت آهي. هڪ اهڙي ڪيفيت جنهن ۾ فرد بيچين رهي ٿو. انتظار شروع کان وٺي شاعريءَ جوتمام وڏو موضوع رهيو آهي. شاه سائين جي سر مومل راڻي ۾ مومل پاران راڻي جو ڪيل انتظار هجي، جنهن ۾ مومل جو

اهو چوڻ تہ ”اپي اپاريام نکٽ سپ نيئي ويا“ يعني مومل پيرن جي پہن تي بيھي سڄي رات راڻي جو انتظار ڪيو آهي. يا سر عمر مارئي ۾ مارئي جو عمر جي قيد مان نڪرڻ جو انتظار (منهنجي آهہ اھا ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي) سر ساموندڊيءَ ۾ ساموندڊين جي ونين جو پنهنجن ورن جو انتظار هجي (مان منهنجو هوءِ جاني ان جهاز ۾) يا سر گهاتو ۾ مورڙي جو پنهنجن ڀائرن جي موٽي اچڻ جو انتظار (خبر ڪو نہ ڏئي تہ رڇ ڪڄاڙي رنڊيا) يا وري انگريزيءَ ۾ سيموئيل بڪيٽ جي مشهور ڊرامي ”ويٽنگ فار گوڊو“ ۾ بيان ڪيل انتظار جنهن جا مکيہ ڪردار ”گوڊو“ جو انتظار ڪندي عمر گذاري ڇڏين ٿا. جڏهن تہ گوڊو آخر تائين نٿو اچي. باوجود ان جي هو سموري ڊرامي ۾ گوڊو جي اچڻ جو انتظار ڪن ٿا ۽ ڪين وڏي اميد هوندي آهي تہ ”گوڊو“ ايندو پر هو نٿو اچي. انتظار جا اهي سپ نمونا توڙي جو هڪٻئي کان ٿورڙو ڌار آهن پر ان جي باوجود انهن ۾ هڪ هڪجهڙائي موجود آهي. اها هڪجهڙائي آهي ”اميد“. انتظار هميشہ ڪنهن اميد تي ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن فرد جي اندر ۾ ڪا اميد ئي نہ هوندي تہ انتظار خود بخود ختم ٿي ويندو ۽ فرد ”هاڻي آءُ نہ آءُ اسان پليو آسرو“ يا ”اب آئو تو ڪيا؛ گر نہ آئو تو ڪيا“ واري ڪيفيت ۾ هليو ويندو آهي ۽ سندس دل ٿڪي پوندي آهي.

زيد پيرزادي جو نظم ”انتظار“ هن ريت آهي:

جسم جي ريس تي<br>
گهر منهنجي جي هر شئي بہ<br>
قابوءَ منهنجي کان<br>
ٻاهر نڪري وئي آهي.<br>
عجب جي نشانيءَ وانگر<br>
حيران ٿي وئي آهي<br>
ويران ٿي وئي آهي<br>
منهنجو رڌڻو تولاءِ نهندڙ<br>
چانهہ جي مهڪ سنگهڻ لاءِ<br>
بيتاب آهي<br>
فرش تنهنجي قدمن جي زورن سان<br>
پنهنجو صدين جو ٿڪ

لاهڻ ٿو چاهي
صوفا توکي ياڪر ۾ پرڻ لاءِ آتا آهن
تنگيل نوان وڳا
نفرت وچان ٿا
مون ڏي تڪين
ڪنگي ڪان وارن جي ياد
وسري وئي آهي
ڪئلينڊر هوا ٻهاني
ايندڙ وقت طرف
اڏرڻ ٿو چاهي.
توکان مايوس ٿي
بلب جي روشني بہ
جهڪي ٿي وئي آهي
پکو بہ
بيزاري مان ٿو هوا ڏي.
موبائيل جي گهنٽي
مستقل منهنجو مذاق ٿي اڏائي
تون هيڪر اچ
مون کي نہ سهي
منهنجي چوگرد ڦهليل
هن بيچينيءَ کي
ڪو چين ڏئي وڃ
ڪو آرام ڏئي وڃ.(7)

هن نظم ۾ شاعر پنهنجي پاڻ سان گڏ نون(9) اهڙين شين کي انتظار جي ڪيفيت ۾ ڏيکاريو آهي: جيڪي بظاهر تہ بيجان آهن. پر شاعر جي تخليقي ڪائنات ۾ داخل ٿي اهي نون ئي شيون جيئريون ٿي پيون آهن. جن شين کي شاعر پنهنجي تخليقي سگهہ سان جيئرو ڪري ٿو. انهن ۾ "رڌڻو"، "فرش"، "صوفا"، "تنگيل ڪپڙا"، "ڪنگو"، "ڪئلينڊر"، "بلب"، "پکو" ۽ "موبائيل فون جي گهنٽي" شامل آهن. هن نظم ۾ شاعر اهي

ئي شيون استعارن جي طور تي استعمال ڪيون آهن ۽ انهن مان نيون معنائون بلڪ ڪيفيتون پڻ پيدا ڪيون آهن. انهن نون ئي شين جي مرڪزي ڪيفيت "انتظار" آهي. فني طور تي هن نثري نظم ۾ هڪ هم آهنگي ۽ تسلسل آهي. هن نظم ۾ لفظن جي اهڙي خوبصورت چونڊ ڪتب آندي وئي آهي جو ڪٿي به نظم جي رواني متاثر نٿي ٿئي. بلڪ نثري نظم هوندي به هيءُ نظم ڪٿي ڪٿي آزاد نظم جو ڏيک ڏئي ٿو. جيئن:

جسم جي ريس تي
گهر منهنجي جي هر شئي به
قابوءَ منهنجي کان
ٻاهر نڪري وئي آهي.
عجب جي نشانيءَ وانگر
حيران ٿي وئي آهي
ويران ٿي وئي آهي
...
ڪنگي کان وارن جي ياد
وسري وئي آهي
...
تون هيڪر اچ
مون کي نه سهي
منهنجي چوگرد ڦهليل
هن بيچينيءَ کي
ڪو چين ڏئي وڃ
ڪو آرام ڏئي وڃ.

اها شاعر جي فني پختگي آهي جو هو لفظن کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪتب آڻي انهن کي نئون حُسن ۽ نئين سونهن عطا ڪري ٿو. فني اعتبار کان هن نظم جي هڪ ٻي خوبصورت ڳالهه اها به آهي ته هن نظم ۾ شاعر بيجان شين مان جاندار شين بلڪ فردن جو ڪم ورتو آهي. شاعريءَ ۾ بيجان شين مان ماڻهن جهڙي ڪيفيتن جو ڪم وٺڻ هڪ شعري صنعت آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Personification چئبو آهي. جڏهن

تہ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ان کي ”صنعت تجسيم“ چئي سگھجي ٿو. زيد پيرزادي پنهنجي هن نظم ۾ جتي رواني ۽ تسلسل برقرار رکيو آهي اتي صنعت تجسيم جو بہ تمام خوبصورت استعمال ڪيو آهي. ۽ نظم ۾ ڪتب آندل نون ئي شيون يعني”رڌڻو“، ”فرش“، ”صوفا“، ”ٽنگيل ڪپڙا“، ”ڪنگو“، ”ڪئلينڊر“، ”بلب“، ”پکو“ ۽ ”موبائيل فون جي گھنٽي“ الڳ الڳ ۽ جيئرا ڪردار ٿي سامهون آيا آهن. جيڪي شاعر جي اڪيلائيءَ ۾ ساٿي بڻجي ڪيس آٿت ڏين ٿا.

هي نظم شاعر جي  فني پختگي يا ڪرافتمئنشپ جو سگھارو دليل آهي. هن نظم مان ثابت ٿئي ٿو تہ شاعر وقفن، لفظن توڙي استعارن کي سليقي سان ڪتب آڻڻ جي هنر ۾ ڪمال رکي ٿو. ۽ شاعري تہ بنيادي طور تي آهي ئي لفظن جي سهڻي ترتيب جو نالو. هن نظم ۾ استعمال ڪيل لفظن جي سهڻي ترتيب زيد پيرزادي جي ”ميچوئر پوئٽڪ آرٽ“ جي شاهدي ڏئي ٿي.

فڪري طور پڻ هيءُ نظم تمام گھڻو سگھارو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن نظم ۾ تخليق ڪيل ڪيفيت ”انتظار“ اصل ۾ شاعر جي پنهنجي ڪيفيت آهي؛ پر اهو شاعر جو ڪمال آهي جو هو پنهنجي ڪيفيت ۾ پنهنجي چوڌاري موجود شين کي بہ شامل ڪري وٺي ٿو. نفسياتي طور تي بين شين کي پنهنجي ڪيفيت ۾ شامل ڪرڻ هڪ هاڪاري سرگرمي آهي. هن نظم ۾ شاعر وچوڙي تي آهہ و بُڪا“، ”ائلي گھوڙا“(اي علي گھوڙا) ڪرڻ بدران انتهائي نفاست سان پنهنجي چوڌاري موجود شين جي ڪيفيت لکي آهي. هن نظم مان ثابت ٿئي ٿو تہ شاعر بنيادي طور تي مضبوط شعور جو مالڪ آهي ۽ هو پنهنجي شخصيت کي ”انتظار“ جي عذابناڪ ڪيفيت جي وهڪري ۾ لڙهڻ نٿو ڏئي. هو هن نظم ۾ ”ڊفينس مڪينزم“ ڪتب آڻي ٿو. نفسيات جي ماهرن خاص طور تي فرائيڊ پنهنجي سائيڪو ڊائنامڪ ٿيوري ۾ فرد جا ڪيترائي ”ڊفينس مڪينزم“ ٻڌايا آهن. جيڪي فرد کي مختلف ڪيفيتن مان ٻاهر ڪڍڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. توڙي جو ڪيترائي ”ڊفينس مڪينزم“ اهڙا بہ آهن جيڪي فرد کي ناڪاريت/نيگيٽوٽي ڏانهن ڌڪيندا آهن. پر هن نظم ۾ شاعر هاڪاريت پسند محسوس ٿئي ٿو ۽ پنهنجي شخصيت کي بنا ڪنهن تضاد ۽ ٽڪراءَ جي پنهنجي انتظار جي ڪيفيت ۽ خواهش جو اظهار ڪري ٿو.

هن نظم ۾ شاعر گهٽ ۾ گهٽ بہ ”ڊفينس مڪينزم“ ڪتب آندا آهن. ڊفينس مڪينزم جو اصطلاح پهريون ڀيرو فرائيڊ 1894ع ۾ پنهنجي تحقيقي ڪم ” The Neuro-Psychoses of Defence“ ۾ ڪتب آندو، جنهن مان سندس مراد هئي تہ

مختلف ڪيفيتن ۾ اِڊ (نفساني خواهش) فرد کان عجيب ماٺو/گهُر ڪري ويهندي آهي، جنهن جو پوراءُ سماجي توڙي اخلاقي بندشن سبب نامناسب هوندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ فرد جي اندر ئي موجود هڪ ٻي قوت يعني انا يا ايگو اِڊ جي ان ماڱي کي روڪي وٺندي آهي. ايگو پاران اِڊ جي اپاريل نفساني خواهش کي روڪڻ واري جبلت جو نالو فرائيڊ "ڊفينس مڪينزم" رکيو هو. بلڪ فرائيڊ هڪ مثال وسيلي ان صورتحال کي وڌيڪ چٽو ڪيو هو تہ فرد جي انا يا ايگو هڪ گهڙي سوار وانگر آهي ۽ ان جي اِڊ گهوڙي وانگر آهي. سوار جي لاءِ لازمي آهي تہ هو پنهنجي منزل تي رسڻ لاءِ گهوڙي کي پنهنجي قبضي ۾ رکي ٻي صورت ۾ گهوڙو ڪنهن بہ وقت ڪيڏانهن بہ وڃي سگهي ٿو ۽ سوار پنهنجي منزل تي نہ پهچي سگهندو. بلڪ فرائيڊ ائين بہ چيو هو تہ گهوڙي سوار پاڻ بہ گهوڙي جي مدد کانسواءِ ڪيڏانهن بہ نٿو وڃي سگهي. يعني فرد جي انا جيڪا اڪثر ان جي اِڊ کي سنڀالي ٿي اها خود اِڊ جي سهڪار کانسواءِ بہ ڪجهہ نٿي ڪري سگهي. جنهن تي بعد ۾ سندس ڌيءَ ائنا فرائيڊ بہ گهڻو ڪم ڪيو. ڊفينس مڪينزم جي حوالي سان فرائيڊ جي ڌيءَ ائنا فرائيڊ جو ڪتاب "دي ايگو اينڊ دي مڪينزم آف ڊفينس" اهم اڳڀرائي ثابت ٿيو. "ڊفينس مڪينزم" جي استعمال سان فرد سماج ۾ ٿيندڙ بي راه روين کي بہ روڪي سگهي ٿو تہ پنهنجي شخصيت کي هاڪاري انداز سان هڪ وڻندڙ شخصيت ناهي سگهي ٿو. اڪثر ماڻهو ڊفينس مڪينزم استعمال ڪري پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ ۽ ڪروڌ کي بہ ماٺو ڪري وٺندا آهن. نفسياتدان هن وقت تائين سئو جي لڳ ڀڳ "ڊفينس مڪينزم" دريافت ڪري چڪا آهن. آئون هتي لفظ "دريافت" انڪري استعمال ڪري رهيو آهيان جو فرد جي اندر اهي ڪيفيتون يا قوتون اڳ ئي فطري طور موجود هونديون آهن، هو صرف انهن کي ڪتب آڻيندو آهي. گهڻن ماڻهن کي تہ ان سگهہ يا قوت جي موجودگيءَ جو احساس بہ ناهي ٿيندو، پر هو پاڻ کي سنڀالي وٺندا آهن. گهڻو ڪري فرد "ڊفينس مڪينزم" جو استعمال پنهنجي شخصيت کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ ڪندا آهن.

شاعر غير محسوس طريقي سان هن نظم ۾ "ڊفينس مڪينزم" استعمال ڪيا آهن. جن لاءِ چيل آهي تہ:

All the defensive measures of the ego against the id are carried out silently and invisibly(8) .

يعني اِڊ جي خلاف انا يا ايگو پنهنجي بچاءَ جا اُپاءَ خاموشيءَ سان ڪتب آڻي وٺندي آهي. اسان اڪثر ڏٺو هوندو تہ ڪو ماڻهو مسلسل پريشان نظر ايندي اوچتو خوش رهڻ شروع ڪندو آهي، ڪو ماڻهو مسلسل ناڪامين کانپوءِ اوچتو ڪو نہ ڪو وڏو

ڪارنامو ڪري وٺندو آهي. فرد جي پريشاني اِڊ ۽ ايگو جي جنگ هوندي آهي، جڏهن تہ فرد جي ڪاميابي ايگو جي اِڊ کي ڏنل شڪست جو نتيجو هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سپر ايگو وچ ۾ پئي مامري کي ٽاري ڪو نہ ڪو وچون رستو بہ ڪڍي وٺندي آهي تہ ڪڏهن وري ايگو اِڊ جي هٿان هارائجي ويندي آهي ۽ فرد ڪو نہ ڪو ڇيهي وارو ڪم ڪري وجهندو آهي. پر جڏهن فرد نفسياتي طور تي مضبوط ۽ اعليٰ شعور رکندڙ هوندو آهي تہ سندس انا/ايگو ڪيس اِڊ جي ناڪاري خواهش کان بچائي وٺندي آهي.

The same is true of successful reaction formation, which is one of the most important measures adopted by the ego as a permanent protection against the id.(9)

ڪي ماڻهو نفسياتي طور تي ڪمزور هئڻ سبب ان کي استعمال ناهن ڪري سگهندا. مثال طور عشق ۾ ناڪاميءَ ڪانپوءِ ڪيترائي ماڻهو خودڪشي ڪري وٺن ٿا يا هو نشي وغيره ۾ فرار ڳولهي وٺندا آهن. پر آرٽسٽ جيئن تہ حساس طبعيت جا هوندا آهن ۽ هونفسياتي طور تي اعليٰ شعور رکندڙ هوندا آهن. انڪري هو اهڙي ڪنهن بہ ناڪاميءَ ۾ ڪو ناڪاري قدم کڻڻ بدران پنهنجي اندر ۾ اپريل ڪروڌ کي ڪنهن هاڪاري سرگرمي ۾ تبديل ڪري ڪو نہ ڪو فنپارو تخليق ڪري وٺندا آهن. هن نظم ۾ بہ شاعر وڇوڙي جي سبب پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل ڳڻتي، اڻ تڻ، ڪروڌ ۽ پريشانيءَ کي هڪ نظم لکي ختم ڪري ڇڏي ٿو. هو پنهنجي هن نظم ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ "ڊفينس مڪينزم" ڪتب آڻي ٿو. هڪ "فئنٽيسي" ٻيو "ڊسپليسمينٽ". فئنٽيسي ۾ فرد جڏهن ڪنهن سخت مونجهاري جو شڪار ٿي ويندو آهي تہ هو پنهنجي پاڻ کي ان ڪيفيت مان ڪڍڻ لاءِ "خيالي فرار" تخليق ڪري وٺندو آهي. ۽ اهڙي خيال فرار جي مدد سان هو نفسياتي طور تي ٽٽڻ کان محفوظ ٿي ويندو آهي. هن نظم ۾ بہ شاعر "انتظار" جي شدت کي "خيالي فرار" جي وسيلي ونڊي ورهائي مانڊو ڪري وٺي ٿو. ۽ چوي ٿو تہ "صرف آئون ئي تنهنجو انتظار نٿو ڪريان، پر منهنجي ريس تي منهنجو "رڌڻو"، "فرش"، "صوفا"، "ٽنگيل ڪپڙا"، "ڪنگو"، "ڪئلينڊر"، "بلب"، "پکو" ۽ "موبائيل فون جي گهنٽي" سڀ تنهنجو انتظار ڪن ٿا. تون اچ ۽ انهن جي بيچيني ختم ڪري وڃ." اها شاعر جي فئنٽيسي آهي. جنهن ۾ هو خيالي طور تي پنهنجي ڪيفيت ۾ ٻين شين کي شامل ڪري وٺي ٿو. هن نظم ۾ شاعر فئنٽيسي کان سواءِ "ڊسپليسمينٽ" جو 'ڊفينس مڪينزم' ڪتب آڻي ٿو. ڊسپليسمينٽ جي ڊفينس مڪينزم تحت فرد ڪنهن اڻوڻندڙ ڪيفيت جو سنئون سڌو اظهار ڪرڻ بدران ٻين شين جي مدد سان پنهنجي مقصد جي ڳالهہ ڪري وٺندو آهي. هن ۾ احساس بيدار هوندا آهن،

پر اهي پاڻ بدران ٻين سان منسوب ڪيا ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙو احساس رکندڙ فرد کي ڊپ هوندو آهي ته ڪٿي ڪا سنئين سڌي ڳالهه ڪرڻ سان مامرو وڌيڪ خراب نه ٿي پوي، يا محبوب ڪاوڙجي نه پوي.

The feeling remains conscious but is directed away from the person who inspired it...In displacement, the truth may lie very close to the surface; many people, if told not to “take out” their bad mood on a loved one, will eventually recognize what they’ve been doing and apologize.(10)

هن نظم ۾ شاعر پنهنجي انتظار واري ڪيفيت جو سنئون سڌو اظهار نٿو ڪري بلڪ ٻين شين جي مدد سان پنهنجي ڪيفيت جي اظهار لاءِ مناسب طريقو ڪتب آڻي ٿو جنهن سان نظم ۾ شعري حسن به موجود رهي ٿو ته ڪيفيت جو زيبائتو اظهار به ٿي وڃي ٿو. يعني شاعر هن نظم ۾ پنهنجي بيچينيءَ جو سنئون سڌو اظهار نٿو ڪري، بلڪ پاڻ سان منسوب مختلف شين وسيلي هو پنهنجي اندر جي ”خواهش“ جو اظهار ڪري ٿو. اهڙي اظهار سان فرد جي اندر ۾ موجود اڻ تڻ ۽ ڳٽڻيءَ جي شدت خود بخود گهٽ ٿي وڃي ٿي ۽ شاعر پنهنجي تخيل وسيلي پاڻ کي اڳي کان به وڌيڪ سگهارو ٻڌائي وٺي ٿو. شاه سائينءَ چيو هو ”سور ورهايان سرتيون، جي ورهايا وڃن، ٻيون ڪوهه ٻجهن، جن سندا تن سامهان.“ يعني سورن جي شدت ڪنهن سان ونڊڻ سان گهٽ ته ٿي سگهي ٿي، پر ونڊجي نٿا سگهن. يا ”اڇو سورن واريون ڪريون سور پچار“ به ساڳئي مفهوم ۾ آهي ته سورن جي پچار/ڳالهه يا ذڪر ڪرڻ سان انهن جي شدت گهٽائي سگهجي ٿي. بلڪ شاه سائينءَ ته ان حد تائين به چيو آهي ته، ”مونکي جياريو پرينءَ جي ڳالهه ڪري“ يعني ’مون سان منهنجي محبوب جون ڳالهيون ڪريو ته جيئن آءٌ جي پوان.‘ نظم ”انتظار“ ۾ به اهڙي ئي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ شاعر پنهنجي اندر جي ڪرب ۽ وڇوڙي جي درد جو سنيهو پنهنجي محبوب ڏانهن موڪلڻ لاءِ پاڻ سان لاڳاپيل غير جاندار شين کي جاندار ڪري پيش ڪري ٿو. جنهن سان درد کي سونهن ۽ حسن ملي پوي ٿو. هن نظم ۾ جهڙي ريت شاعر پنهنجي ڪيفيت ۾ ٻين شين کي شامل ڪري ورتو آهي؛ ان کي گهرائي سان ڏسڻ ڪانپوءِ وڇوڙي جو درد بلڪل مدهم ٿي ويو آهي.

شاعر بنيادي طور تي هڪ اعليٰ شعور رکندڙ فرد هوندو آهي. هو نه صرف پنهنجي پاڻ کي مختلف ڏکين حالتن مان آسانيءَ سان ڪڍي ويندو آهي، بلڪ هو ٻين جي لاءِ پڻ هڪ هاڪاري پيغام ڏيندو آهي. ڇاڪاڻ ته شاعري جيڪا شاعر جي نفسياتي

وهڪري جي احساساتي اظهار جو نالو هوندي آهي؛ ان ۾ شاعر پنهنجي ڪيفيت بيان ڪندو آهي. جنهن جو ”سائيڪو ائنالائسس“ (نفسياتي ڇيد) ڪرڻ سان شاعر جي ڪيفيت جي گهرائي معلوم ڪري سگهجي ٿي. ۽ پوءِ اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ’اها شاعري سماج لاءِ هاڪاري آهي يا نه.‘

هن نظم ۾ شاعر پنهنجي ڏک ۾ آسپاس جي شين کي شامل ڪري ان جي شدت کي گهٽائي ڇڏي ٿو ۽ ٻين جي لاءِ اهو پيغام ٿو ڇڏي ته جيڪڏهن پنهنجي درد ۽ اڪيلائيءَ ۾ ٻين شين کي شامل ڪيو ويندو ته اڪيلائيءَ جي عذاب کان بچي سگهجي ٿو. شاعر جو ڪمال اهو آهي ته هو پنهنجي انتظار يا اڪيلائي ۾ آسپاس جي ماڻهن کي شامل نٿو ڪري بلڪ هو بيجان شين مان اهو ڪم وٺي ٿو. ڇاڪاڻ ته هو آگاهه آهي ته ”ڇاهتن جون خاص ڳالهيون عام سان ناهن ڪبيون“ شاهه سائين به پنهنجي اهڙي ڪيفيت بابت چيو هو ته ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيون، پر سين مون نه ڪيون، گوشي گڏيا نه سپرين“ يعني اهي ڳالهيون پراون/غيرن سان ڪرڻ جون ناهن، پلي جي اهي ڳالهيون اندر ئي اندر ۾ وڏي وڻ چو نه ٿي وجن. جڏهن اردو جو شاعر احمد فراز ان جي ابتڙ چوي ٿو ته، ”ملے کوئی بھی ترا ذکر چھیڑ دیتے ہیں، کہ جیسے سارا جہاں رازدار اپنا ہے“ ٻي پاسي زيد پيرزادو پنهنجي هن نظم ۾ جنهن تنهن کي پنهنجو رازدار بڻائڻ بدران غير جاندار شين کي پنهنجي انتظار واري ڪيفيت ۾ شامل ڪري نظم کي تمام گهڻو خوبصورت بڻائي وٺي ٿو.

زيد پيرزادي جي هن شعري مجموعي ۾ هر نظم الڳ ڪيفيت جو اظهار آهي، جن مان هر نظم تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. بلڪ سائين امداد حسينيءَ موجب، ””خيال“ ۾ ڪيترائي خيال اهڙا آهن جيڪي متاثر ڪندڙ آهن.“ (11)

## نتيجو:

مجموعي طور تي هن نظم جو تنقيدي جائزو وٺڻ/نفسياتي ڇيد ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته نظم جو تخليقڪار/شاعر(زيد پيرزادو) اعليٰ شعور جو مالڪ آهي. هو نظم ۾ هڙئي هاڪاري استعارا ڪتب آڻي ٿو جنهن سان نظم جو ”ڪُلي پد“ تمام گهڻو هاڪاري ۽ مثانهون ٿي سامهون اچي ٿو. اهڙي هاڪاري شاعري عام پڙهندڙن توڙي سماج لاءِ لاڀائتي ثابت ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته جڏهن شاعر ”انتظار“ مان به هاڪاري نتيجا ڪڍي ٿو ته ان مان پتو پوي ٿو ته هو سماج کي سنئين گس تي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هونئن نه ته ”انتظار“ ڏک، درد، سور ۽ تڪليف واري ڪيفيت جو نالو آهي، بلڪ

گهٽن شاعرن انتظار يا وڇوڙي کي موت کان به سخت سڏيو آهي. عربيءَ جو هڪ مقولو به آهي ته "الفراق اشد من الموت" يعني وڇوڙو موت کان به وڌيڪ سخت آهي. ۽ ظاهر آهي وڇوڙي ۾ فرد ملڻ جي تمنا ۽ انتظار ئي ڪندو آهي. انڪري ثابت ٿئي ٿو ته انتظار به موت جيترو ئي ڏکيو آهي. پر شاعر پنهنجي تخليقي سگهه وسيلي انتظار جي درد ۾ پنهنجي چوڌاري موجود بيجان شين کي شامل ڪري ان جي شدت کي ناڪاريت مان تبديل ڪري هاڪاري ڪري وٺي ٿو. جيڪا هڪ خوبصورت شعري صنعت يعني صنعت تجسيم آهي‌سني ۽ پرُ امید شاعر جي هڪ نشاني اها به آهي ته هو سماج کي هاڪاري پيغام ڏئي، مختلف تڪليف ڏيندڙ ڪيفيتن کي سولو ۽ سهنجو بڻائي وٺندو آهي. ۽ زيد پيرزادو هن نظم ۾ اهڙو ئي هڪ هاڪاري پيغام ڏئي ٿو جنهن سان فرد تڪليف واري ڪيفيت مان نڪري اميد جي واديءَ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. جتي وڇوڙي جو درد سرور ۾ تبديل ٿيندي محسوس ٿئي ٿو. اهڙي شاعري شاعر سان گڏ ان جي پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي نفسياتي طور سگهارو ڪري ٿي.

## حوالا:


1. Aesthetics of Anxiety, Ruth Ronen, State University of New York 2009, page, 3
2. فلسفہ حسن، ڈاڪٽر، (1990)، نصير احمد ناصر، فيروز سنز، صفحہ33.
3. ارسطو سي ايلٽ تڪ، نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد، صفحو 266.
4. The Rutledge companion to Aesthetics, Bery Gant and Dominic ML, Routledge London 2001 page.6
5. تنقيدون، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صفحو 174
6. The Encyclopedia Americana, volume.18, international edition, Lexington avenue new York pp.708
7. خيال، ص، 31_33
8. Anna Freud, The Ego and the Mechanisms of Defence, Hogarth Press Ltd. 1986, Page. 18
9. ibid
10. Joseph Burgo, Why do I do That-Psychological Defense Mechanism and the Hidden ways they shape our lives, New Rise Press, Martin Luther King Jr. Blvd, 2012 Page, 77, 78
11. امداد حسيني، مهاڳ، خيال، ص، 22